روزاني عوامي آواز (8) اڱارو 20 سيپٽمبر 2011ع

# ڏهرڪيءَ ۾ پي سي اي ايس ايس ڊي سي جي ڪلاسن جو آغاز

## انڊسٽريءَ جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ ادارو قائم ڪيو: راجا محمد علي

## ماڻهن ۾ خوشحالي ايندي: ٽيڪنيڪل ڪاليج ۾ ڳالهيون

ڏهرڪي (اپ ر) ڪنهن به قوم جو اصل اثاثو ان جي ماڻهن جي ڪم ڪرڻ جي صلاحيت آهي. هن اصول جا مصداق، پاڪستان ڪيميڪل اينڊ انرجي سيڪٽر اسڪلز ڊولپمينٽ ڪمپني طرفان اهي، اصول جي توثيق ڪندو ٽيڪنيڪل ٽريننگ ڪاليج ڏهرڪي ۾ ڊپلوم ڪرائيندڙ پهرئين اداري ۾ ڪلاسز جو آغاز ڪري ڇڏيو آهي. پاڪستان ڪيميڪل اينڊ انرجي سيڪٽر ڊولپمينٽ ڪمپني پين ڪيپٽن لي ڪامپليٽ جي مدد سان ٽي ٽي سي جي (بقيه صفحو 2 ڪالم 6)

قيام ۾ شروعات ڪئي. مستقل ۽ اداري جي استحڪام جي غرض کان ٽي ٽي سي جي بورڊ ممبرن ۾ پاڪستان انڊسٽريل ڊولپمينٽ ڪارپوريشن (پي آءِ ڊي سي)، اينگرو فرٽيلائيزر، ماري گيس ڪمپني لميٽيڊ ۽ سيمنا شامل آهن جڏهن ته ڊونرز ۾ سيپر، اي اين آءِ ۽ ٽيسڪون شامل آهن. اسپونا ٻن ووڪيشنل ٽريننگ ونگ ۽ اداري جي استحڪام جي غرض کان مالي معاونت جي خاطري ڪرائي آهي. ڪاليج جي باري ۾ ڳالهائيندي پاڪستان ڪيميڪل اينڊ انرجي سيڪٽر ڊولپمينٽ ڪمپني جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر برگيڊيئر راجا محمد علي چيو ته ٽي ٽي سي مختلف مرحلن ۾ مقامي آبادي لاءِ بي حد سودمند ثابت ٿيندو ان جو سبب ڪاليج وارن لاءِ فائدو هي آهي ته هي هڪ خدمت جي جذبي سان سرشار ۽ اعليٰ تعليم يافته فيڪلٽي تي مشتمل مقامي ادارو آهي. هي انڊسٽري جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ قائم ڪيل ادارو آهي جنهن جو اشتراڪ برطانوي ادارن جهڙوڪ سٽي ۽ گلڊ سان گڏ هوندو. اداري جي مثالي سهولتن سنڌ بورڊ آف ٽيڪنيڪل ايجوڪيشن جي نصاب جي معيار تي پورو لهنديون آهن ۽ ان جي مطابق شاگردن جي صلاحيتن جي آبياري ڪنديون آهن. انهن سڀني اقدامن کان علائقي ۾ خوشحالي ايندي ۽ ماڻهن جي معيار زندگي ۾ اضافو ٿيندو. داخلا جو عمل آگسٽ ۾ شروع ٿيو جيڪو انتهائي شفاف هئڻ سان گڏوگڏ ملڪ جي ٻين مستند پيشه ورانه تعليمي ادارن کان مماثل هو. اهي سمورا شاگرد جنهن ميٽرڪ جي امتحان ۾ گهٽ ۾ گهٽ [illegible] حاصل ڪيو، داخلا ٽيسٽ ۾ شرڪت جو اهل قرار ڏنا ويا. ايندڙ سالن ۾ ڪاليج جي شعبن ۾ اليڪٽريڪل انسٽرومينٽيشن، ڪمپيوٽرز ۽ اليڪٽرڪ ٽيڪنالاجيز جو اضافو ڪيو ويندو.